# عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ

## رسول بخش پليجو

---

صدين پڄاڻان، وڏن جنگاڻن ڪانپوءِ اٽڪل مني صدي اڳ هڪڙو اهڙو ڦرڪو ڦريو جو ڇٽ پٽن سان لڳي ويا ۽ روس ۽ ڌرتيءَ جي ڪجهه ملڪن ۾ پورهيو ڪرڻ وارا ماڻهو، ملڪن جا مالڪ ٿي ويا. انساني تاريخ ۾ پهريون پيرو ڌاڙ ۽ ڌهڪاءَ، مڪر ۽ فريب جي هڪ هٽيءَ جا بنياد خطري ۾ پئجي ويا. ايشيا، آفريقا، لاطيني آمريڪا، جي ملڪن مٿان صدين کان هلندڙ سرمائيدار سامراجي سلطنت جنهن تان سج لٿو ئي نٿي، تنهن جون ديوارون لڏڻ لڳيون. ايرن ۽ هيٺن ماڻهن، طبقن ۽ قومن، جن اڪين مان ساهه ٿي ڇڏيو، تن جي منهن تي رونق اچي وئي. عالمي نظام ۾ ڪئين اهڙيون تبديليون آيون، جن جو اڳين صدين ۾ ماڻهو تصور به نٿي ڪري سگهيا، پر مني صدي ڪانپوءِ قصو ذري گهٽ الٽو ٿي ويو آهي. اڄ اوير يورپ جا اڳواڻ سوشلسٽ ملڪ، سوشلزم کان هٿ ڪڍي ويا آهن، خود روس هڪڙي زبردست گهڻ طرفي گهوٽالي مان لنگهي رهيو آهي ۽ سڄي جهان ۾ پڪارون پئجي ويون آهن ته: ”سوشلزم ختم ٿي وئي! پورهيت راڄ جو تجربو ناڪام ۽ تصور غلط ثابت ٿيو! سرمائيداري نظام جي خاتمي جي اميد رکڻ ئي اجائي هئي. دنيا لاءِ ڪارگر نظام فقط ۽ فقط سرمائيداري آهي“. دنيا جي سرمائيدارن جا اهي خفيه ايجنٽ ۽ ففٿ ڪالمسٽ جيڪي گذريل پوٽي صديءَ کان پنهنجون تخريبي ڪارروايون ٽراٽسڪيءَ جي پوئلڳن جو چوغو پائي پيا ڪن ۽ جن ڪالهه تائين سوشلزم کي ترڻ تي بهشت پيدا ڪندڙ جادوءَ جي لڪڙي ٿي سڏيو ۽ جن پورهيت عوام کي بطال، ڇڙوڇڙ ۽ اڪيلو ڪري سندن مٿو رلائڻ لاءِ ”گهيرائو جلائو“، ”نوجوانن جي قيادت“، ”پيرين اگهاڙن جو انقلاب“ ۽ بيا اهڙا هوائي نعرا هڻي، عالمي پورهيت تحريڪ کي اندران ئي اندران تارپيڊو پئي ڪيو، تن جي ته بيگهي مچي ويئي ۽ خوشيءَ وچان هنبوڇيون هڻي تاڙيون وڄائي ”ختم! ختم“ جا اوناڙ ڪري سڄي دنيا مٿي تي کڻي ڏني اٿن.

نامور آمريڪي ليکڪ مارڪ ٽوئن چيو هو تہ: ”منهنجي موت جي خبر ڪجهہ مڙيئي وقت کان اڳي شايع ٿي آهي“. انسان ذات طرفان غلامدارن، جاگيردارن، سرمائيدارن سامراجين جي خدائيءَ کي چئلينج ڪرڻ جي ڪوشش کي رسيل رهزن ڌڪن جي اطلاعن تي جيڪي سڄي دنيا جي عوام دشمنن ۾ ڪڍيون پيون لڳن، سي سمورين نئين ڳالهين ۽ حالتن جي باوجود، انتهائي وڏاءَ واريون آهن. 1917ع واري انقلاب جي پهرين گهڙيءَ کان وٺي، بلڪ انساني تاريخ ۾ ظالم ۽ مظلوم ماڻهن جي وچ ۾ پهرين مقابلي جي پهرين پل کان وٺي، دنيا جي پورهيت دشمن ۽ مظلوم دشمن ماڻهن، ٽولن، طبقن، قومن، حڪومتن ۽ نظامن جي واردات جو طريقو اهو رهيو آهي تہ پورهيتن ۽ مظلومن خلاف هر پل هر گهڙيءَ نت نين سازشين جا ڄار وڇائيندا رهو، ان سان گڏ بار بار، هر هنڌ ۽ هر ڪنهن کي چوندا رهو ”ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو“، ”ڪجهہ ٿيڻو ئي ناهي“، ”سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي“، ”مجال آهي جو ڪجهہ ٿئي“ اڻ ئي پهر لڳاتار سيني پاسن کان ۽ سيني هنڌ ظاهري توڙي ڳجها حملا ڪندا رهو ۽ جوابي وار ٿيڻ تي ڪوڪريا ڪريو ”اسان تي ڪجهہ ڪونہ ٿيو! گسي ويو!“ جڏهن پاڻ کي ڪا چڱي موچاري ضرب لڳي تہ چئو تہ: ”ايئن تہ ٿيندو آهي! اها تہ معمولي ڳالهہ آهي! ڏينهن ٻن ۾ سڀ نيڪ ٿي ويندو“. پر پاڻ جڏهن وار ڪجي ۽ اڳلي کي ڪا چڱي موچاري چيٽ اچي تہ هڪدم وٺي ڪڍيون هٽجن ۽ ڪوڪريا ڪجن ”ختم! ختم!“ ”ڪجهہ ڪو نہ هو! اصل هوئي ڪجهہ ڪونہ! جيڪي هو سو ختم ٿي ويو“. ”هاڻي سڀ ڪو پنهنجي گهر ڀڄي وڃي“ ”ڀڄي وڃو! لڪي وڃو!“.

جڏهن آڪٽوبر انقلاب آيو تڏهن سڄي دنيا جا سرمائيدار سامراجي يڪ آواز ٿي اعلان ڪرڻ لڳا تہ: ”انقلاب هفتو بہ مس جٽاءُ ڪندو. ويو ختم ٿي!“ وري پهرين جنگ عظيم ڪٽڻ ڪانپوءِ اعلان ڪيائون تہ: ”هاڻي پورهيت انقلاب جي بچڻ جو سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿو ٿئي!“ پهريائين ڪارهيلوف ۽ دينيڪن جهڙن انقلاب دشمن قذاق جرنيلن هٿان حملا ڪرايائون ۽ پوءِ وري علي الاعلان ميدان ۾ آيا ۽ چوڏهن ملڪن گڏجي انقلابي قوتن تي حملو ڪيو. جن ۾ آمريڪا، انگلينڊ، فرانس، جاپان جهڙيون عالمي طاقتون بہ شامل هيون ۽ اعلان ٿي ويو تہ: ”انقلابي پورهيت راڄ جو قصو پورو ٿي ويو!“. ”ڪيل ختم پئسا هضم“، پر انقلابي پورهيت راڄ مرٽينگ حالت هوندي بہ ڪو نہ مئو ۽ سڄي دنيا جي

پورهيت دشمنن ۽ مظلوم دشمنن کي شڪست ڏيئي زنده رهيو. پوءِ جڻ سڄي دنيا هٿان انقلابي پورهيت راڄ جو سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي بائيڪاٽ ٿي ويو. چرچل جي زهريلن لفظن ۾ اعلان ڪيو ويو ته: ”بک ۽ ڏڪار جو راڪاس انقلاب کي گھوگھو ڏئي پورو ڪري ڇڏيندو!“ پر انقلاب نه رڳو جيئرو رهيو پر وڌندو ويجھندو به رهيو. پوءِ جرمنيءَ ۽ اٽليءَ کي تيار ڪرائي مچائي مواڙ ڪري ان کان ٻچ ڪري حملو ڪرايائون ۽ چيائون: ”هاڻ ڳالهه ختم ٿي وئي“ ”آمريڪين چيو، ”ڏيڍ هفتي ۾ ختم ٿيندو“ انگريزن چيو ته ”نه ڏيڍ مهينو ڪڍي ويندو“، پر خبر تڏهن پيئي جڏهن سمورين تباهين ۽ سازشن جي باوجود پورهيت فوجون خود برلن تي وڃي ڪڙڪيون ۽ ان جو گھيراءُ ڪري نازي جرمنيءَ کي نڙيءَ تي لت رکي، ڪيس پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ان وچ ۾ سڄي دنيا کي خاص ڪري انقلابي پورهيت تحريڪ کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ ايٽم بم تيار ڪري، بنا ڪنهن خاص ضرورت جي جاپان مٿان استعمال ڪري، ايٽمي بليڪ ميلنگ، سرد جنگ ۽ هٿيارن جي ڊوڙ شروع ڪري ڇڏي وئي، پوءِ هائيڊروجن بم، نيوٽران بم، اعصابي ۽ حياتي هٿيار ۽ پوءِ خلا مان مار ڪندڙ هٿيار، ايس ڊي آئي. مطلب ته اٺ ئي پهر پورهيت انقلابي تحريڪ خلاف سڀ طرفي ۽ سڀني قسمن جي جنگ جاري رکيائون، ان جنگ جي اقتصادي، سياسي ۽ فوجي دٻاءَ سبب پورهيت انقلابين کي پنهنجي بجيٽ جو وڏو حصو خرچ ڪري هٿيارن جي ڊوڙ ۾ حصو وٺڻو پيو، جنهن جي ڪري ملڪ جي مالي، اقتصادي ۽ ٻين وسلين ۽ ڍانچن تي سهپ کان وڌيڪ دٻاءُ پوندو رهيو.

انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس جي چوڻ پٽاندڙ، ڪامياب سوشلسٽ نظام اهو چئبو جيڪو اهڙن سماجن ۾ اچي جيڪي روس ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن جهڙا نهايت پوئتي پيل غريب جاگيردار بالادستيءَ وارا سماج نه هجن، پر اهڙا سماج هجن جيڪي جاگيرداري نظام کي ختم ڪري سرمائيداري نظام قائم ڪري، جاگيرداري نظام جون مڙهيل سموريون پسماندگيون، موڳايون، واڙيون ۽ بندوبستيون ختم ڪري، سرمائيداري نظام جي سمورين خوبين کي پاڻ ۾ جذب ڪري، انهن جو ڀرپور فائدو وٺي، هاڻي ان کان به اڳتي نڪري ويا هجن.

انقلابي استادن خبردار ڪيو ته: دنيا جا سرمائيدار ملڪ اهڙي انقلاب کي جيئڻ ڪونه ڇڏيندا ۽ پاڻ ۾ ٻڌيون ڪري ان کي ايئن نڙيءَ تي گھٽو ڏيئي ختم

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، جيئن يورپ جي جاگيردار حڪومتن صلاح ڪري فرانس جي سرمائيدار انقلابي تحريڪ کي نڙيءَ تي گهوگهو ڏئي، ذري گهٽ اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو. انهن تنهن ڪري چيو ته: پورهيت انقلاب اهو ڪامياب ٿيندو جيڪو جيڪڏهن سڄي يورپ ۾ ساڳئي وقت نه اچي ته گهٽ ۾ گهٽ يورپ جي ڪجهه، سڀ کان اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن ۾ ساڳئي وقت ضرور اچي. سندن راءِ هئي ته پهريون انقلاب جرمني، انگليند، فرانس جهڙن ملڪن ۾ ساڳئي وقت اچي تڏهن ڪم نهندو. تاريخ انسانن هٿان ته نهندي آهي، پر سندن مرضيءَ مطابق نه، ان جا چڪر ۽ ٽائيم ٽيبل پنهنجا هوندا آهن. ويهين صديءَ ۾ دنيا جي ڪنهن به اڳتي وڌي سرمائيدار ملڪ ۾ پورهيت انقلاب لاءِ ميدان سازگار نه ٿيو. تاريخ جي انهن اڳتي وڌيڪ ملڪن بدران روس جهڙي نهايت پوئتي پيل جمهوريت جي ”ج“ کان به اڻ واقف زار شاهي پيانڪ ڊڪٽيٽر شپ جي پسماندگي، بي بندوبستيءَ، وائڙپ ۽ افراتفريءَ جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل ملڪ ۾ هڪڙي ايري سيري ۽ نهايت ڪمزور پورهيت انقلاب جو امڪان اوچتو روشن ڪري ڇڏيو!

آسمان بار امنات نه تو انست ڪشيد،
فرئه فال بنام من ديوانه زدند (حافظ)

جنهن انقلاب جو بار سڄو يورپ نه کڻي سگهيو تنهن جو پڪو پوئتي پيل ۽ لاچار روس جي ماريل ۽ مسڪين عوام جي نالي نڪتو! ٽراٽسڪيءَ جهڙن هڪڙو وڏو بحث شروع ڪري ڇڏيو ته روس جهڙي پسمانده ملڪن ۾ به انقلاب اچي سگهي ٿو ڇا؟ يا اچڻ گهرجي به ڇا؟ خود لينن چيو ته: اهو انقلاب 9 مهينن کان اڳ ڄاول ٻار وانگر ڪچو ۽ ڪمزور هوندو، پر ان اهو به چيو ته: ”جي مڙسي ڪجي ته اهو ڪمزور ۽ ڪچو ٻار بچي به سگهي ٿو ۽ ڏڪا ڏوما کائي ڪنهن ڏينهن مڇي مواڙ ٿي مڙس به ٿي سگهي ٿو، ٿيڻ گهرجي ۽ اوس ٿيندو. پوءِ وقت کان اڳ ڄاول ان ڪمزور ٻار، يورپ جي مڇي مواڙ ٿيل سرمائيدار داداگيرن جي گهيرن، حملن ۽ اڳراين وچان جيڪي انساني عقل کي چرخ ڪندڙ ڪارناما سرانجام ڏنا، تن جهڙو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

ڪن قبيلن، قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ لڙايون صدين تائين ختم نه ٿينديون آهن ۽ ڪٽ هار جو فيصلو نه ٿي سگهندو آهي. ٻيو ته نهيو رڳو ويٽنام ۽ چين

جهڙي هڪڙي ملڪ کي آزاد ٿي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ به سئو سال لڳيو وڃن. اهڙي صورت ۾ اها اميد رکڻ ته جڏهن به سماجي نظام پاڻ ۾ ٽڪربا تڏهن انهن ۾ کٽ هار جو فيصلو ڪنهن هڪڙيءَ پاڻي پٽ جهڙي لڙائي ذريعي ٿي ويندو يا وڏ ۾ وڏ پنجاهه سئو سالن اندر ٿي ويندو، سو خيال تاريخي حقيقتن کان اڻ واقفيت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ تي ٻڌل ٿيندو. سماجي نظام جا ٽڪر صدين جون صديون هلندا آهن. مثلا جاگيرداري نظام ۽ غلام دار نظام جي وچ ۾ صدين جون صديون موت مار لڙايون لڙيون ويون. ساڳي طرح سرمائيداري نظام به جاگيرداري نظام تي ڪو پنجاهه سئو سالن ۾ فتح حاصل ڪانه ڪري ورتي هئي، اهو کٽ هار جو فيصلو صدين کان پوءِ هزارين ننڍين وڏين لڙائين کان پوءِ ٿيو. ان ڪري سوشلزم ۽ سرمائيداري جو مقابلو به هڪ اڌ صديءَ جو فيصلو ناهي. اهو صدين جي لڙائي کان پوءِ ٿيڻ وارو فيصلو آهي. مائوزيتنگ ان ڪري صاف لفظن ۾ چئي ويو آهي ته: ”سوشلزم ۾ سرمائيداري مان ڪير ڪٽندو ان فيصلي ۾ صديون لڳي وينديون.“ انهي وچ ۾ عالمي انقلابي تحريڪ پنهنجي طرف وڌندي واٽ تي بار بار دشمن جي گهيري ۾ وڪوڙجندي اچا تائين رهي آهي ۽ ڪڏهن به سڪ جو ساهه کڻي انقلابي عوام جي سمورن بنيادي دردن جي دوا ڪرڻ جي منزل ماڻي نه سگهي آهي. شاندار سماجي پيش قدمين، بي مثال سوين ۽ سماجي معجزن سان گڏوگڏ بکون، ڏک، محروميون، بي انصافيون، ظلم، ننگيون، مکر ۽ جبر مڪمل طرح دور نه ٿي سگهيا، ڪن حالتن ۾ اهي ٿورو گهٽو گهٽيا ته ڪن ۾ وري اڳي کان به وڌي ويا. ڪيترائي انساني حق ۽ آزاديون سرمائيداري نظام کان اڳتي وڌڻ جي بدران زار شاهي سطح تي ئي پوئتي پيل ۽ پائمال ٿئي اسرندڙ سوشلسٽ نظام ۾ به رهجي ويون. سرمائيداري نظام وانگر وڏا تضاد ۽ گهوٽالا پيدا ٿيا. اقتصادي نظام ۾ وڏا زيان ٿيا. ڪيترين حالتن ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو پراڻو راڪاس، زار شاهي تنگي جبر جي ڊريس لاهي، پورهيت راڄ ۽ سوشلزم جا جبا اوڍي آدم بوءِ آدم بوءِ به ڪندو رهيو. ايئن به ٿيو ته ڪن ڳالهين ۾ ڪوڙ ۽ مڪر پنهنجي صديون پراڻي ريت تي قائم رهيا ۽ فقط پنهنجون ٻوليون ۽ لهجا بدلايائون. اها، اها سماجي قيمت هئي، جيڪا زار شاهي نظام کان ئي ورثي ۾ مليل ناپاڪ رجعت پرست نفسياتي، سماجي، سياسي، اقتصادي اثرن ۽ سرمائيدار سامراجي گهيري ۽ لاڳيتي حملن اڻ تجربيڪار ۽ ڪچي اسرندڙ انقلابي تحريڪ

ڪان وصول ڪئي. پر هر ويڙهه ويڙهو ڌرين جي خامين ۽ خوبين کي اجاگر ڪندي آهي.

انقلابي قوتون نہ رڳو پنهنجي فتحن مان پر پنهنجي شڪست مان بہ سکن ٿيون. بقول مائوزيتنگ جي: ”انقلاب جي ڪوري ۾ پچي انقلابي قوتون پنهنجي خامين ۽ اوڻن مان نجات حاصل ڪن ٿيون ۽ ڪندن بڻجن ٿيون.“

1917ع واري عظيم آڪٽوبر انقلاب کان اڳ پليخانوف، ٽراٽسڪي ۽ ٻين سان جيڪي سخت نظرياتي ۽ تنظيمي ويڙهيون ٿيون، تن انقلابي قوتن کي نئين نظرياتي سگهہ ۽ مضبوطي عطا ڪئي. انقلاب ڪانپوءِ مڙهيل خانہ جنگن ۽ ڌارين اڳرائي دوران مارا ماري، بدحالي، افراتفري ۽ ڏڪار، انقلابي قوتن کي سرخ فوج ۽ فولادي ضابطي واري انقلابي پارٽي عطا ڪئي ۽ پڻ اهڙي سياسي ۽ اقتصادي مشينري ڏني، جيڪا پنهنجي رواجي سگهہ کان گهڻا ڀيرا وڌيڪ سڀ طرفو دٻاءُ برداشت ڪري ويئي. ٻي جنگ عظيم جي سفارتي، سياسي، فوجي، اقتصادي ۽ انتظامي آزمائشن ۽ مقابلن، عالمي پورهيت تحريڪ کي زمين جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ پورهيت سپر پاور طاقت بنائي ڇڏيو. سرد جنگ ۽ هٿيارن جي ڊوڙ کين اعلیٰ درجي جي سفارتي مهارت رکندڙ رياست ۽ خلائي قوت بنائي ڇڏيو. ڪائنات جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي تہ ڪائنات جي هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ ۾ واڌارو سنئون سڌو ۽ سدائين اڳتي وڌڻ ۽ سدائين مٿي وڃڻ جي صورت ۾ هرگز نہ ٿيندو آهي.

واڌاري جي هر نئين منزل تي پهچڻ لاءِ هر شيءِ هر ڳالهہ ڪڏهن اڳتي ويندي آهي تہ ڪڏهن پوئتي انهي اڳتي پوئتي ٿيڻ جي رفتار ڪڏهن تمام سست، بلڪ محسوس بہ نہ ٿيندڙ هوندي آهي تہ ڪڏهن برق رفتار ۽ اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ وارا جڏهن انقلاب ايندا آهن تڏهن انهن ۾ بہ انقلابي عمل شروع کان آخر تائين رڳو اڳتي ۽ رڳو مٿي ڪونہ ويندو آهي، سماجي انقلابن ۽ سماجي نظامن جي ٽڪر جي دوران بہ انقلابي عمل لاڳيتو اڳتي پوئتي ۽ هيٺ مٿي ٿيندو، ور وڪڙ ۽ چڪر ڪائيندو رهندو آهي. اهو ڪڏهن پاتال ۾ ڪريل نظر ايندو آهي تہ ڪڏهن آسمان جي بلندين کي ڇهندو ايندو آهي. ڪڏهن سست ۽ ڪڏهن وچ کان بہ تيز نظر ايندو آهي.

سرمائيداري سماجي انقلاب کي اڄوڪي سطح تائين رسڻ ۾ ڪيئن صديون لڳيون آهن. انهن صدين ۾ انهي انقلاب اندر ٻيا ڪيئي انقلاب آيا آهن. ساڳي وقت اڳتي پوئتي ۽ هيٺ مٿي ٿيڻ، سست رفتارين، جمودن، بحرانن، تباهين، برق رفتار شاندار پيش قدمين، سوين ۽ وڏين چالن جا سلسلا هونداآهن.

انقلابي عمل هلندي ان جون ڪچايون، ڪمزوريون، تضاد، هيٺ مٿانهيون نروار ۽ درست ٿين ٿيون. اهو ڪچائين ۽ تضادن جي نرواريءَ ۽ درستيءَ جو عمل هر دفعي انقلابي عمل کي نوان چال ڏياري بلندين تي رسائي ٿو. سرمائيداري نظام اهڙين ڪيئي ڪمزورين تضادن ۽ تباهين، نروارين ۽ درستين جي سلسلن مان پار پئي ننديا وڏا چال ڏيندو، اڳتي پوئتي ٿيندو، لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن وارو رستو وٺي هن منزل تي پهتو آهي. پورهيت سماجي نظام، سرمائيدار نظام جي پيٽ مان ڄاول ڪالهوڪو ٻارآهي. ان ڪمزورين، تضادن ۽ بحران مان پار پوڻ جا ڪي امتحان پاس ڪيا آهن ۽ ان کان ڏهوڻا سئوڻا امتحان اڃا ٻيا پاس ڪرڻا اٿس. ڪيس آزمائش جي ڪوري ۾ پچي ڪندن ٿيڻو آهي ۽ ڪنهن ڏينهن سرمائيداري جي استحصالي ڦورو ۽ ظالم نظام کي پوئتي ڇڏي، اڳي وڌي دنيا جي عوام کي هڪ نئين روشن ۽ شاندار دور ۾ داخل ڪرڻو اٿس. هن وقت دنيا ۾ جيڪا نظرياتي، سياسي، انتظامي ۽ خاص ڪري اقتصادي جنگ هلي رهي آهي، سا انقلابي قوتن کي انهن ميدانن ۾ پنهنجون گوناگون ڏبيل لياقتون ڪتب آڻي، زبردست ڪمزورين، پسماندگين، افراتفرين بدحالين ۽ بحرانن جي نشاندهي ڪرائي، انهن سان ويڙهه ڪرڻ ۽ ڪين زير ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندي، اها جنگ ڪين ڪن اهڙن ميدانن ۾ جتي ڪيل واڌ غير حقيقي واڌ ثابت ٿي آهي، تنهن کي روڪڻ ۽ جتي جتي اهڙي ضرورت آهي اتي پوئتي هٽي، پنهنجون صفون درست ڪرڻ لاءِ ۽ ڪن ٻين ميدانن ۾ مونجهارن بحرانن ۽ تباهين مان نڪري اڳتي وڌڻ جو چئلينج ۽ موقعا ڏيندي. ڪيترين گڙٻڙن، بدنظيمن ۽ شڪستن جي بظاهر اڻ ڪٽ سلسلي جي دوران ۽ ان جي نتيجي طور عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن جي ڪيئن اهڙي ٻين اڳوڻن سلسلن وانگر، هن سلسلي مان بہ ڪاميابي سان پار پئي سگهي ٿي ۽ ان انتهائي عروج واري ڏاڪي کان بہ مٿاهين ڏاڪي تي پهچي سگهي ٿي جنهن

عروج واري ڏاڪي ڪان جمود ۾ لاٿ شروع ٿي ۽ موجوده خطرناڪ گھوٽالي تائين پهتي آهي.

ڪهڙو سماجي نظام ڪيترو سٺو آهي؟ اهو سوال ڪو مذهبي يا ديني سوال ڪونهي. اهو هڪڙو طبقاتي مسئلو تہ آهي ئي پر اهو سڀ ڪان اول سائنسي مسئلو آهي. سائنس جي نظر ۾ڪابہ ڳالھہ، ڪوبہ لقاءُ ڪوبہ نظام قطعي آخري ۽ مقدس ڪونهي. ڪائنات جي ٻي هر شيءِ وانگر سماجي نظام بہ سدائين چرپر ۾ هوندا آهن. انهن ۾ ڪي جزا اڳي وانگر صحيح ڪم ڪندا رهندا آهن، ڪي مدي خارج پيا ٿيندا آهن تہ وري وقفي وقفي سان ڪيترن نون جزن جي ڪوٺ پيدا ٿيندي رهندي آهي. سرمائيداري نظام جهڙو پندرهين سورهين صديءَ ۾ هو. اهڙو هينئر ڪٿي آهي؟ اهو وقفي وقفي ڪان پوءِ ڪهڙين ڪهڙين نہ موتمار گردشن ۽ بحرانن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي، ٿيندو رهي ٿو ۽ سدائين ٿيندو رهندو! رڳو 1930ع ۽ ان ڪان پوءِ وارن اقتصادي زلزلن، يورپي جنگين، خاص ڪري پهرين ۽ ٻي جنگ عظيم، ڪوريائي ۽ ويٽنامي جنگين ۾ سرمائيداري نظام جي ڏيوالن ۽ تباھہ ڪارين جو حساب ٻڌجي تہ ڏسبو تہ اهو نظام هر دفعي جڻ مري دفن ٿي، وري جيئرو ٿيو آهي. وڏي ڳالھہ تہ ان پنهنجو وجود بچائڻ ۽ نئين سر جيئرو ٿيڻ لاءِ خود پنهنجي مخالف نئين سوشلسٽ نظام ڪان چا چا نہ سکيو آهي ۽ ان ڪان ڪهڙا ڪهڙا نہ نوان تصور ۽ رويا اڌارا وٺي پاڻ ۾ جذب ڪيا اٿس ۽ اهڙي حد تائين نئون نڪور ۽ تازو توانو رکيو اٿس!

روزانو فقط اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي اصول کي نہ مڃڻ تان تہ شڪاگو ۾ پهرئين مئي وارو ڪوس ٿيو هو! اڄ سڄي سرمائيدار دنيا اهو اصل اڻ وٽندڙ اصول قبول ڪري چڪي آهي. ويلفيئر رياست جو تصور سرمائيداري تصور آهي ڇا؟ سويڊن، ناروي، انگليند ۽ ٻين ملڪن ۾ سرمائيداري جيڪي ڪجھہ ڪرڻ تي مجبور ٿي آهي سو خالص ڪلاسيڪل سرمائيدار اصولن مطابق آهي ڇا؟ سوشلسٽ نظام کي بہ ساڳي طرح پنهنجون ڪوتون ۽ اوڻايون پوريون ڪرڻ لاءِ سرمائيداري نظام ڪان گھڻو ڪجھہ سکڻ جي ضرورت آهي. جيئن ماڻهن ۾ هڪٻئي جي وچ ۾ تضاد بہ هوندو آهي ۽ ان سان گڏ هڪ ٻئي تي دارومدار ۽ پاڻ ۾ سهڪار بہ هوندو آهي. تيئن مختلف نظامن جو بہ هڪ ٻئي جي وچ ۾ تضاد تہ هوندو آهي، پر هڪ ٻئي تي دارومدار بہ هوندو آهي گذريل صدي ۾ جيڪو ڪار

جو پهريون پهريون ماڊل نهيو هو، اهو جي اڄ تائين ساڳيو هجي ها ۽ ان ۾ سڌارا ۽ واڌارا نہ اچن ها تہ اڄوڪيون تيز رفتار ڪارون دنيا ۾ وجود ۾ ئي نہ اچن ها. سوشلسٽ نظام جون هر ميدان ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون تجربي ڪانپوءِ بلڪل صحيح ۽ ڪارائتيون ثابت ٿيون آهن. انهن کي بچائڻ، صحيح سلامت رکڻ ۽ زور وٺائيندو رهڻ جي ضرورت آهي. ٻيون ڪي ڳالهيون غلط ۽ مدي خارج ثابت ٿيون آهن. انهن ۾ سڌارن ۽ واڌارن جي ضرورت آهي. خود ڪيترا تصور ۽ نظريا بہ ڪي صحيح ۽ ڪي وري ناقص يا غلط ثابت ٿيا آهن. ان ڪري جيئن لينن چيو آهي تہ: ”صحيح جي حفاظت ڪجي، ڪجهہ صحيح ڪجهہ غلط کي درست ڪجي، غلط کي خارج ڪجي ۽ ڪٽل جي پورت ڪجي،“ تئين ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو دنيا جو دستور آهي. شاعر چيو آهي: “Ring out the old and ring in the new” (گهنڊ وڄائي پراڻي کي ٻاهر اچليو، گهنڊ وڄائي نئين کي اندر آڻيو) هي ڪو تاريخ ۾ توڙي انساني تجربي ۾ پهريون موقعو ڪونهي جو ڪو پراڻو تجربيڪار ملهہ ڪنهن نئين اسرندڙ سيکڙات ملهہ کي ڪا هڪڙي ٻہ ملهہ ماري ويو هجي. سرمائيداريءَ کي سوشلزم شروعاتي شڪستن کان پوءِ سياسي، فوجي ۽ سائنسي ميدانن ۾ ڪيئن ملهون ماريون آهن. هينئر جي سرمائيداري کٽي ڪيس هڪڙي ٻہ اقتصادي ۽ سياسي ملهہ ٻي بہ ماري تہ خير آهي. هر نئين اسرندڙ قوت وانگر سوشلزم بہ جيئن هيترا ڌڪ بچائي ٻيون هيتريون ملهون ماريون آهن، تيئن هي هڪ ڌڪائي بچائي بہ پس و پيش سرسي حاصل ڪري سگهي ٿو. ان جو بنيادي شرط اهو ۽ فقط اهو آهي تہ ان سڄي عمل ڏانهن رويو مڪمل طرح سائنسي هجي. ڪوبہ تضاد ڪابہ گڙٻڙ نظر انداز نہ ڪجي. اوڻاين، ناڪامين ۽ مجرمانہ حرڪتن کان چشم پوشي نہ ڪئي وڃي. هر ڪارائتي شيءِ ۽ ڳالهہ کي سلامت رکي ان کي زور وٺايو وڃي. هر بدلائڻ جوڳي شيءِ بدلائي وڃي. هر ميدان ۾ نيون تخليقي پيش قدميون ۽ واڌارا ڪيا وڃن ۽ مڪمل خود اعتمادي ۽ حوصلي سان سرمائيداريءَ سان هر ميدان ۾ تعاون سان گڏ چٽا پيٽي ۽ مقابلو جاري رکيو وڃي، اينجلز چيو هو تہ: ”سائنس ۾ خاص ڪري طبعي سائنس ۾ هر نئين واڌاري کان پوءِ جلديماديت جي فلسفي جو بہ نئين سر جائزو ورتو وڃي.“ تاريخ سڄي دنيا جي ترقي پسند انسانن کي اهو موقعو عطا ڪيو آهي تہ: موجوده سماجي گهوٽالو جيڪو نہ انساني سماج جو پهريون گهوٽالو آهي

نہ آخري هوندو، تنهنجو فائدو وٺي سماجي ترقي، تبديلي ۽ انقلاب سان واسطو رکندڙ سمورن بنيادي اصولن تصورن، قدرن، نظرين، حڪمت عملين، ڪم جي واٽن، طريقن ۽ پاليسين جي ذري پرزي نئين سر ڇڪاس ڪئي وڃي ۽ سمورن فڪري نظرياتي، تنظيمي ۽ انتظامي مشينريءَ کي اوور هالنگ ڪري گهربل حد تائين نئين سر نئون بڻايو وڃي.

فسانہ گشت و ڪمن شد، حديث اسڪندر،

عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ ڪائنات جي روز ازل کان جاري گوناگون عالمي، انقلابي عمل جي اڻ کٽ سفر جي هڪڙي منزل آهي، جنهن جي واٽ اسپارٽيڪس، سقراط، عيسىٰ ابن مريم، حسين ابن علي، گليليو، قرة العين طاهره، وان تروئي ۽ ڌرتيءَ جي هزارين لکين ڪروڙين پٽن ۽ ڌيئن جي قربانين ۽ جاکوڙن جي روشنين سان جڳمگائيندي ۽ باضمير انسانن جي ذهنن ۽ ضميرن کي روشنيون بخشيندي رهي ٿي.

(ترجمو: جڏهن کان تنهنجي زلفن جي هيٺان تنهنجي چهري جي چنڊ کي ڏٺو اٿم، تڏهن کان منهنجي رت تنهنجي چهري ڪري ڏينهن وانگر روشن ٿي ويئي آهي.)

انسانيت ۽ انقلاب جي پروانن جي ازلي عشق ۽ دائمي قول قرار فقط ڪنهن هڪڙي منزل سان نہ پر سموري سونهاري سفر ۽ ساٿ سان ۽ انهن جي سمورين منزلن سان آهي.

(ترجمو: مئي خاني جي مير جي محبت جو والو ازل جي ڏينهن کان ڪن ۾ پاتل اٿئون، اسين اهڙائي آهيون جهڙا هئاسين ۽ اهڙائي رهنداسي.)

ماڻهن جا ويري ڪٽي ڪيڏا بہ ڏمچر مچائين ۽ طعنا مهڻا، ڏين پر جن جي وفا محڪم آهي تن تي ڪوبہ اثر پوڻو ناهي.

(ترجمو: جيڪڏهن طعنيٰ ڏيڻ جي بجاءِ دشمن تلوار جو ڏڪ بہ هڻي ڪڍي تہ بہ اسين دوست تان دستبردار نہ ٿينداسين، ڪٽي ڇا بہ ٿي پوي.)

هنن کي خبر آهي تہ اهڙي سفر ۾ طوفان ۽ زلزلا قدرتي آهن.

(ترجمو: جيڪڏهن فتني جو طوفان ٻنهي جهانن کي ترتلي ۾ وجهي ڇڏي تہ بہ اهي ئي اسين هونداسين. اهي انسان جي اکين جا ڏيئا هوندا ۽ اهائي واٽ هوندي جنهن تان دوست جي اچڻ جو انتظار آهي.)

انسان دوست ۽ روءِ زمين جي سمورن ڪندڻ ۾ جتي بہ اهڙا سچار انسان دوست ۽ وفادار انقلابي آهن، انهن سڀني تي سلام آهي،

”باه گروه کہ از ساغر وفا مستند-سلا مابرسانيد هرڪجامستند“

(جنهن ٽولي جا ماڻهو وفا جي پيالي سان مست آهن، اهي جتي جتي بہ آهن انهن کي اسان جا سلام پهچايو-)

(روزاني ”عوامي آواز“ جي ٿورن سان)

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books